جي دل ۾ ان وقت جو خيال آيو. جڏهن هن پاروءَ کي ڇتواٽي ڳوٺ جي ڪچي رستي تان ڪٽي پنهنجي گهوڙيءَ تي وڌو هو. اڄ رشيد حيران هو تہ هڪ ڀيرو وري گهوڙيءَ کي ڀڄائڻو پيو. ڪيس ڳوٺ جي هڪ ٻي نوجوان ڇوڪريءَ کي ڀڄائي وڃڻو پئجي پيو.

اڄ رشيد جي ٻانهن ۾ اها ساڳي سگهہ نہ هئي، پر رشيد سوچي رهيو هو تہ پاروءَ کي ڪٽڻ کان پوءِ جيئن جيئن هو پنهنجي گهوڙي ڀڄائي ڇتواٽي کان ڏور وڃي رهيو هو، تيئن تيئن هن جي روح تي ڇڻ مڻ مڻ جا پٿر پوندي پئي ويا. ڪيترن ئي سالن کان هن جي روح تي هڪ بار پيل هو. اڄ جيئن ئي رشيد جي گهوڙي رتووال جون حدون پويان ڇڏيندون پئي وئي، رشيد کي ائين پئي محسوس ٿيو تہ هن جي روح تان اهي مڻ مڻ جا پٿر هٽندا پيا ويا. ڇڻ هو هلڪن ڦلڪن پرن سان گهوڙيءَ کي ڊوڙائيندو پئي ويو.

☆☆☆

صبح جي پهرئين ڪرڻي سان گڏ ڳوٺ ۾ لاجوءَ جي گم ٿيڻ جي خبر پکڙجي وئي. گهرن ۾ ڏڏ ولوڙيو پئي ويو. جڏهن تہ هر گهر ۾ لاجوءَ جي باري ۾ ڳالهيون ٿيڻ لڳيون هيون. پرپاسي جي ڳوٺن ۾ هندن جو نالو نشان بہ نہ هو. ڪو مسلمان اهو ڪم ڪري بہ ڪيئن ها. ماڻهو حيران ۽ پريشان هئا.

هوريان هوريان اڄي منجهند ٿي. چلهين ۾ ڇيڻ جي ٿڦيل لولن تي ڇڙهيل داليون رڌجي ويون هيون. عورتون تندور گرم ڪري رهيون هيون. هي اهو ئي ٽائيم هو. جڏهن پاروءَ ڳوٺ ۾ قدم رکيو.

اڄ لاجوءَ جي گهر جو دروازو ڪنهن مئل جانور جيان کليو پيو هو. جڏهن پاروءَ گهر جي اندر قدم رکيو تہ اڱڻ ۾ وڪريل راتوڪن ننڍن ننڍن ٿانون تي مکين جا ميڙا لڳا پيا هئا. پاروءَ کي معلوم ٿي ويو تہ صبح کان وٺي ڪنهن ڪجهہ بہ کاڌو پيتو نہ هو.

"اڙي! هوءَ چنبي ڪٿي ڏنئي؟" پوڙهيءَ جي نرڙ تي ايترا تہ گهنج پيل هئا، ڄڻ ڪنهن نڪر جي ڪني سنڌس مٿي تي وهائي ڪڍي هجي.

"ڪير امڙ؟" پاروءَ فراسين جي هڙ مٿي تان لاهيندي پڇيو.

"اڙي! هوءَ نياڳي شل ڪاريهر تي پير پويس." پوڙهيءَ پنهنجي سڄي نفرت نرڙ جي گهنجن ۾ پريندي چيو.

"هان! ڪير. .ننهن ڪٿي آهي؟"

"اڙي! اها ئي تہ پڇي وئي آهي."

"هاءِ منهنجا رب!..پر ڪنهن سان؟ آئون تہ هن جي لاءِ تعويذ ڪٽي آئي آهيان."

"باهہ ڏي تعويذ کي...ڪيس خبر ڪونهي ڪهڙو جن يا ڀوت ڪٽي ويو؟"

"ڇڏ امڙ! ڳوٺ مان ڪيس ڪير

پچايائين. اسان پنهي ماءُ پٽن کي کارايائين، پاڻ بہ کاڌائين . پوءِ منهنجي ڪٽ اندر وڇائي ڇيائين تہ امان اڱڻ ۾ سيءُ پيو پوي. تون اندر وڃي سمهہ. چوڪري ٿورو دارون پيتو. پوءِ آئون سمهي پيس. پوءِ خبر ڪونهيم تہ ڪيڏي مهل گهر ٿي وئي. صبح جو اٿيس تہ ڪيس سڏ ڪيم، پر ڪو هجي ها تہ جواب ڏي ها."

"ڪوهہ وغيره ڏٺو اٿوَ. هوءَ ڪنهن سان وڃڻ واري تہ نہ هئي."

"وڃي بہ ڪنهن سان ها..!" پوڙهيءَ ڪنڌ نوائيندي چيو.

"حيرت آهي، هوءَ ڪا گوشت جي ٻوٽي تہ نہ هئي، جيڪا ڪو ٻلو يا ڪتو کائي ويو. ڳوٺ تہ سڄو اوهان ڏٺو هوندو!" پاروءَ حيرانيءَ مان چيو.

"ها! صبح کان وٺي هتي ڳوٺ جو هڪ هڪ ماڻهو آيو آهي. ماڻهن سڄو علائقو ڳولهيو آهي. هاڻي منهنجو الهڏتو ۽ ڳوٺ جا ڪجهہ ماڻهو ڪوهہ تي ڏسڻ ويا آهن. جيڪڏهن هن جو لاش ملي وڃي تہ بہ چوري کي تسلي ٿي وڃي ۽ فڪر نہ رهندس تہ هوءَ ڪيڏانهن هلي وئي آهي. پٽ جو سر سلامت هجي، باقي رنون تہ ڪوڙ اچي وينديون."

اچا تائين پارو پنهنجي ڇهري تي فڪر، غم ۽ ٻيا جذبا نمايان ڪري رهي هئي جو بہ ٽي ماڻهو ٻاهران اندر اچي ويا.

"اسين تہ ڪوهہ وغيره ڏسي آيا آهيون، هن جو ڪٿي نالو نشان بہ ڪونهي." اهو چئي ٽئي ڄڻا اڱڻ ۾ پيل ڪٽ تي چڙهي ويٺا.

"هاڻي ڇڏيندس بہ ڪٿي، وڃي ڪڏ ۾ پوي. تو ڇو اچي پاڻ کي پريشان ڪيو آهي. ڪو جن ڀوت ڪٿي ويو هوندس." پوڙهيءَ، الهڏتي ڏانهن منهن ڪري فڪرمنديءَ مان چيو.

پاروءَ سجاڻي ورتو. اهو ئي الهڏتو هو. پاروءَ کي لاجوءَ جو لٽل منهن ياد اچي ويو. ڪيس هن جو منهن انهيءَ جهرڪيءَ جهڙو لڳو هو. جنهن جي جان ڪيترن ئي ڏينهن کان سرڻ جي چنبن ۾ ڦاٿل هجي.

"منهنجي خيال ۾ هوءَ رات جو اٿي ٻاهر وئي آهي ۽ ڪو جانور کيس کڻي ويو هوندو." هڪ ماڻهوءَ الهڏتي ڏانهن منهن ڪندي چيو.

"هتي گدڙ ۽ لومڙي تہ ٿي سگهن ٿا، پر ڳوٺ جي ويجهو ڪهڙو جانور ايندو آهي." ٻئي چيو.

"في الحال بہ ٽي گهر ڪائو. پوءِ پيا اندازا لڳائيو." پوڙهيءَ پنهنجي پٽ کي دلاسو ڏيندي چيو ۽ اٿي وڃي ماني ٽڪيءَ جو بندوبست ڪرڻ لڳي.

"چڱو امڙ! خدا توکي خوش رکي. آئون هلان ٿي." پاروءَ فراسين جي ٻڌل هڙ مٿي تي رکندي چيو.

"تون ڪير آهين؟" الهڏتي، پاروءَ کي گهورينديءَ پڇيو. اڃان تائين پاروءَ کي ڳوٺ جي عورت سمجهي الهڏتي ڪو ڌيان نہ ڏنو هو. پر فراسين جي هٽ ر ڪندي ڏسي هن سخت لهجي ۾ پڇيو. "هيءَ ڪير آهي؟"

"فراسيون وڪڻندي آهي، ٻيو ڪير آهي." پرسان ويٺل پوڙهيءَ ورائيو.

"پر مون تہ ڪيس هن ڳوٺ ۾ اڳ ڪڏهن بہ نہ ڏٺو آهي؟" الهڏتي شڪ جو اظهار ڪنديءَ چيو.

"ڪجھ ڏينهن کان وڪڻي رهي آهي." پوڙهيءَ وري سختيءَ سان ورائيو.

"پر تون ڪهڙي ڳوٺ کان آئي آهين؟" الهڏتي، پاروءَ ڏانهن منهن ڪندي پڇيو.

"منهنجا بہ ٻارڙا آهن. سيني ڳوٺن ۾ گهمي ڦري ڪري ڪجھ ڏوڪڙ ڪمائي وٺندي آهيان." پاروءَ جي دل ۾ آيو تہ هوءَ پر لڳائي هتان اڏري وڃي. هوءَ ڳوٺ ۾ ڇو رهي پئي. رات جو ئي هنن سان گڏ هلي وڃي ها تہ ڪنهن کي ڪهڙي خبر پوي ها.

"پر تون هندو آهين يا مسلمان." الهڏتي جو شڪ اڃان بہ دور نہ ٿيو هو.

"ڪهڙو ارادو اٿئي، گهر ۾ ويهارينديس ڇا؟" الهڏتي جي هڪ دوست کيس ٺونٺ هڻنديءَ چيو.

"پائرو آئون هندو وري ڪٿان ٿيس." پاروءَ پريان پيل جتي پيرن ۾ وجهنديءَ چيو.

"هندوءَ جو نالو مٿي تي لکيو هوندو آهي ڇا؟" الهڏتي وري زور سان پڇيو.

"پائو! تنهنجو شڪ دور ئي نہ ٿو ٿئي. منهنجو نالو تہ حميده آهي." پاروءَ چائنٹ تي بيهي، پنهنجي ڪاڇي ٻانهن تي لکيل پنهنجو نالو کيس ڏيکارينديءَ چيو.

"وڄ وڄ! هن جو تہ مٿو ئي ڦري ويو آهي." پوڙهيءَ پري کان چيس.

"مونکي ڪو ڏس پتو مليو تہ اچي ٻڌائينديس." اهو چئي پارو تڪڙيون وکون کڻندي گهٽيءَ ۾ هلي وئي.

ڪوه واري ڪوٺڙيءَ ۾ پارو پنهنجن ٻنهي ٻارڙن کي رکيو هو. جاويد هاڻي وڏو ٿي ويو هو. هو ننڍي ٻارڙي کي سنڀالي رکندو هو. پاروءَ اها رات ننڊ جاڳ ۾ گذاري. ٻئي ڏينهن لاجوءَ کي سڪڙيالي ڇڏي، پاروءَ وٽ اچڻو هو. اها رات رتو وال ۾ هن جي آخري رات هئي. پارو گهڙي گهڙي ڳڻيندي ٻنهي ٻارن کي پاڻ سان گڏ سمهاري کٽ تي ليٽي پئي.

پاروءَ جون رتو وال سان لاڳاپيل سڀ يادون ختم ٿي ويون هيون. پاروءَ کي گذريل پيري رتووال جو نالو ياد آيو. ٻنين ۾ گهمڻ ڦرڻ ياد آيو. پوءِ آخري ڏينهن کيس ٻنين ۾ رامچند جو ملڻ ياد آيو.

گڙريل پيري پاروءَ، رامچند جون پنيون ڏٺيون هيون. هن پيري پاروءَ، رامچند جو اهو گهر ۽ اڱڻ بہ ڏٺو. جنهن جي ڏسڻ جي حسرت پاروءَ کي سالن کان هئي. پارو سوچڻ لڳي تہ هن گهر ۾ کيس ننهن بنجي اچڻو هو. پر هن گهر ۾ سندس پيڻ ننهن بنجي آئي. هن گهر ۾ هن جو ياءُ گهوٽ بنجي آيو. هن. ان گهر جو منهن تڏهن ڏٺو. جڏهن هن گهر ۾ گهر وارن جو پاڇو بہ نہ بچيو هو. هن گهر ۾ لاجوءَ جو فقط پيجرو ڏٺو. شڪر آهي تہ هن وقت لاجو واڳن جي وات مان نڪري وئي آهي. پارو سوچڻ لڳي، اچ هوءَ خود ان گهر جي پيجري ۾ پاٿل هئي. حميده جي نالي هن کي بچائي ورتو.

پتو ڪونهي ڪنهن مهل پاروءَ جي اک لڳي وئي ۽ رات جي اوندهہ هوريان هوريان صبح ۾ تبديل ٿي وئي.

☆☆☆

ٽانگو اوٽ موٽ لاءِ ياڙي تي ڪري رشيد رتو وال آيو ۽ پاروءَ کي وٺي واپس سڪڙيالي موٽي ويو.

لاجوءَ جون ٻئي اکيون بند دروازي ۾ کتل هيون. پاروءَ جي پهچڻ جي پهرئين کڙڪي تي لاجوءَ بند دروازي جو ڪڙو کوليو. پاهران رشيد تالو هٽي ڇڏيو هو تہ جيئن ڳوٺ وارن کي ڪو شڪ نہ ٿئي. اندريون دروازو بند ڪري پارو. لاجو ۽ رشيد پنهنجي گهرجي پٺئين ڪمري ۾ وچايل تڏن تي اچي ويٺا. هنن هاڻي اطمينان ۽ سڪون جو ساهہ ڪنيو. جيئن شينهن کان ڊنل هرڻن جي ٽوليءَ کي جهنگ ۾ ڪٿي پناهہ ملي هجي.

پارو ۽ لاجوءَ، ڀنهي کي ائين محسوس ٿيو. ڄڻ هو هڪ ٻئي سان ڪيڏيون هجن. پر وقت اچڻ تي وڏيون ٿيون هجن. هڪ جسم بہ جانيون هجن. پر وقت اچڻ تي ڪيترن ئي سالن کان وڇڙي ويون هجن ۽ اچ ڪنهن وچ ۾ طوفان ڪانپوءِ هڪ ٻئي سان گڏيون هجن. سالن جي جدائي ۾ زندگيءَ جون ڪهاڻيون ٻنهي جي ڇپن تي چميل هيون. ٻئي هڪ ٻئي سان حال اورڻ جي لاءِ بيتاب هيون. ٻئي هڪ ٻئي کي ٻڌڻ جي لاءِ بيتاب هيون.

ڪاڏي پيتي کان وانديون ٿيڻ ۾ ڪين وقت لڳي ويو. رشيد کي انهيءَ ڳالهہ جو خيال هو تہ ٻنهي کي اڪيلو ڇڏي تہ جيئن هو ٻئي ڄڻيون هڪ ٻئي سان پنهنجي اندر جو حال اوري سگهن. اصل ۾ بنيادي طور تي رشيد دل جو ڪو خراب نہ هو. هو سوچيندو هو تہ هن جو تہ پاروءَ سان ڪو لهڻو ليکو ڪونہ هو ۽ نہ ئي هو ڪو ايترو خراب هو. جو گس هلندي پرائي نياڻيءَ کي زبردستي ڪٽي اچي پنهنجي گهر ۾ ويهاري ڇڏي. پاروءَ کي پنهنجي زال بنائڻ ڪانپوءِ هن بي ڪنهن عورت ڏانهن ڪڏهن اک

ڪٺي بہ نہ ڏٺو هو.

ٻنهي ٻارن کي سمهاري، ٻئي ڄڻيون پنئين ڪمري ۾ ڪنّون وڃائي سمهي پيون. ان ڏينهن رشيد ٻاهرئين ڪمري ۾ ستو.

"رتو وال جو قافلو هن ڳوٺ مان لنگهيو هو." پاروءَ پهرين ڳالهايو.

"تو ڏٺو هو؟" لاجو پارو کان پڇيو. لاجوءَ کي خبر نہ هئي تہ پاروءَ ڪيس ڪيئن ڳولهي لڌو هو.

"آئون تنهنجي ياءُ سان گڏ هيس. ان وقت مونکي تنهنجي خبرَ پئي."

"هان!"

"ها!" ۽ رامچند جو ان ڏينهن جي قافلي وارو چهرو پاروءَ جي اکين جي سامهون گهمڻ لڳو.

"تو ڪيس ڪيئن سڃاتو. تو تہ ڪيس ڪڏهن ڏٺو بہ نہ هو!"

لاجوءَ جي دل ۾ سڀ خيال آيا. پارو هن جي ياءُ سان مڱيل هئي. هن جي ياءُ جي شادي ٿيڻ واري هئي جو هوءَ گم ٿي وئي ۽ هن جي جاءِ تي سندس ننڍي ڀيڻ جي ياٽس سان شادي ٿي وئي.

"مون ڪيس هڪ ڀيرو اڳ بہ ڏٺو هو." پاروءَ، لاجوءَ کي رتو وال جي ٻنيءَ واريون سڀ ڳالهيون ٻڌايون. هن اهو بہ ٻڌايس تہ ان وقت تائين ڪيس خبر نہ هئي تہ رامچند هن جو پيٽيو ٿي چڪو آهي.

"مونکي ڪڏهن ڪا بہ خبر پئجي نہ سگهي. فقط ان ڏينهن، جنهن ڏينهن هتان قافلو گذريو." پاروءَ چيو. ڪن ترسي وري چيائين، "مئلن کي ياد ڪبو آهي، انهن جي نالي ختما ڏياربا آهن. ڪڏهن ڪو منهنجو نالو بہ گهر ۾ وٺندو هوندو."

لاجوءَ کيس ٻڌايو تہ پاروءَ جي پيءُ گذريل سال گذاري ويو. هن جي امڙ ڪيترائي ڀيرا پاروءَ جو نالو وٺي پار ڪڍي روئندي هئي.

"منهنجي ماءُ جو ياڳ ئي ڦٽل هو. هن جي ڌيءُ جيئري ئي مري وئي ۽ ننهن بہ." پاروءَ چيو ۽ پوءِ ٻئي روئي پيون.

پوءِ هو ڪافي دير تائين ڪٽن تي ليٽيون پيون هيون. "تون جڏهن اوڏانهن ويندينءَ ۽ منهنجي ماءُ سان ملين تہ ڪيس چئجان تہ هڪ ڀيرو تہ منهنجو منهن ڏسي وڃي!" پاروءَ سڏڪندي چيو.

"آئون! آئون اوڏينهن ڪيئن ويندس."

"تون پنهنجي گهر ويندينءَ. پنهنجي مڙس وٽ، پنهنجي ياءُ وٽ."

"آئون تہ جيئري ئي مري وئي آهيان. مونکي پاڻ سان گڏ ڪير رکندو."

"نہ لاجو! منهنجي هوندي تو سان ڪا ناانصافي ٿيڻ نہ ڏينديس. تون پنهنجي گهر ويندينءَ. انهيءَ ۾ تنهنجو ڪوبہ ڏوهہ ڪونهي."

"پر تنهنجو ڪهڙو ڏوهہ هو جو توکي

هن پهريون گناهہ تہ ڪيو. پر پوءِ هو مون سان ڪڏهن بہ خراب نہ هليو آهي. جي هو منهنجي مدد نہ ڪري ها تہ آئون توکي ڪيئن ڳولهي لهان ها."

"توکي هتي آڻڻ ۾ هن پنهنجي جان جوکي ۾ وڌي. جي هنن شيطانن کي خبر پئجي وڃي ها تہ جيڪر سندس هڏ ڳڏ پيچي ڇڏينس ها."

"اهو تہ صحيح آهي. پر هو هن ڳوٺ جو پتو نہ ڪڏي وٺن. مونکي تہ ڊپ پيو لڳي تہ تنهنجو وسيل گهر نہ اجڙي وڃي."

"هيستائين تہ ڪين تنهنجي پاڇي جي بہ خبر ڪونهي." پاروءَ چيو. پوءِ ڪيس اهي سڀ ڳالهيون ٻڌايائين تہ هوءَ لاجوءَ جي گهر ٿيڻ ڪانپوءِ پوڙهي ۽ پوڙهيءَ جي پٽ سان ملي هئي.

"پهرين بہ مون هن ڪوٺيءَ ۾ هڪ هندو ڇوڪري لڪائي هئي. ڪنهن کي بہ خبر پئجي نہ سگهي. پوءِ ان ڏينهن ڪيس انهيءَ قافلي ۾ پهچائي آيس. توکي بہ ان ڪوٺيءَ ۾ لڪائي رهائڻو اٿم تہ جيئن ڳالهہ لڪي رهي. جنهن ڏينهن خط اچي ويو. توکي ماٺ ميٺ ۾ ڇڏي ايندس. ڪنهن کي خبر بہ نہ پوندي."

"جيڪڏهن هن جو خط نہ آيو تہ...!"

"منهنجي دل شاهدي ڏئي پئي تہ لاجو تنهنجو پاءُ ضرور خط لکندو."

☆☆☆

ڏينهن پٺيان ڏينهن گذرندا ويا. هر صبح ڪنڌ ڪڍندو رهيو ۽ شام ڪنڌ جهڪائيندي رهي. لاجوءَ جي ڪا بہ خبر ٻاهر نہ نڪتي. نہ وري لاجوءَ جي گهر وارن جي ڪا خبر آئي. هون تہ پارو ۽ لاجو هڪ ٻئي سان ڀينرن وانگر هيون. پر جڏهن رات جو ننڊ هنن جي اکين ۾ سمائجي ويندي هئي تہ ٻنهي جي اکين ۾ خواب پرجي ويندا هئا. هو پرهہ ڦٽيءَ کان اڳ جاڳي هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ لڳنديون هيون. ڪڏهن لاجو پارن وانگي چلهہ مان انگار ڪٺي پٽ تي ليڪا ڪڍي فال وجهڻ لڳندي هئي. تہ ڪڏهن وري پٽ تي ويٺل ڪانگ جي لنوڻ مان اندازو لڳائيندي هئي تہ اڄ ڪو اچي رهيو آهي. ڪيترا پيرا تہ هوءَ ڳالهيون ڪندي روئي پوندي هئي. ڪڏهن تہ وري هوءَ پاروءَ جي ٻنهي پٽن سان راند ڪري پنهنجي دل وندرائيندي هئي. هوئن بہ سندس دل اڪثر ڪري نااميديءَ جون ڳالهيون سوچيندي هئي. ڪيس اها اميد نہ هئي تہ ڪو سندس خبر وٺندو. پر پاروءَ جي دل الائجي ڇو اندر ئي اندر اها شاهدي ڏيندي هئي تہ ڪنهن ڏينهن اوچتو ڪو اچي نڪرندو. ڪنهن ڏينهن اوچتو ڪو خط اچي ويندو. لاجوءَ جا ڏينهن بدلجي ويندا. پارو پنهنجي طرف کان لاجوءَ خدمت چاڪريءَ ۾ ڪا بہ ڪسر نہ ڇڏ هئي. هوءَ سوچيندي هئي تہ هوءَ وٽس ٽور

ڏينهن جي امانت آهي. پوءِ شايد هو وري ڪڏهن به گڏجي نه سگهن. گهرجي ٻين ماڻهن جا چهرا به ڪيس لاجوءَ جي چهري ۾ نظر اچڻ لڳا. هن جي گهر ۾ وري ڪير رهڻ جي لاءِ ايندو. هن جي رشتيدارن مان وٽس لاجو پهرين ۽ آخري مهمان هئي.

ڏينهن جي سهائيءَ ۾ لاجو ڪڏهن به دروازي مان ٻاهر نه نڪتي. رات جي اونداهيءَ لاجوءَ جو راز نهايت وفاداريءَ سان لڪائي رکيو. پر ڳوٺ جي ٽپاليءَ ٽن پئسن جو پوسٽ ڪارڊ ڪڏهن پلجي به هن جي گهر ۾ نه اڇليو.

مختلف خيال پارو ۽ لاجوءَ جي چهرن تي ڇمي ويا. لاجوءَ کي فقط اها آٿت هئي ته رشيد ۽ پاروءَ ڪڏهن به هن جي دل کي ننڍو ٿيڻ نه ڏنو هو. پر سڄو ڏينهن گهر ۾ لڪل ۽ گهر ۾ بند لاجو اهو سوچيندي رهندي هئي ته جبل جيڏي حياتي هن جي مٿي تي لڙڪي رهي آهي. خبر ناهي ته هن جا ڏينهن ڪڏهن پورا ٿيندا.

پاروءَ جو ڪنهن وٽ به اچڻ وڃڻ نه هو. لاجو پٺين ڪوٺيءَ ۾ ويهندي هئي يا ٻنهي ڍاري دروازي کي اندران ڪڙو ڏئي ٻئي ڄڻيون چرخو ڪتي ويهنديون هيون. ڏيرين جا ڏيک ختم ٿي وڃڻ سان گڏ به گذري ويندو هو. پر خيال ختم نه اهئا.

سيارو گذري ويو. ڦڳڻ جي مهيني جي پڄاڻي اچي ٿي. پاڻيءَ جي ٽڏاڻ گهٽ ٿي وئي هئي. هڪ ڏينهن. ڏينهن لڙڻ مهل جڏهن رشيد گهر جي اندر گهڙيو ته لاجو ۽ پاروءَ کي ڏسندي ئي هن جي اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا.

ٻئي ڄڻيون ههجي ويون. گهڻي دير تائين رشيد جي وات مان هڪ اکر به نه نڪتو. لاجوءَ جي ڄڻ ڪو دل ٻاهر ڇڪي ڪڍي رهيو هو. هن کي اهو ئي ڊپ هو ته رتو وال جي پوڙهي ۽ سندس پٽ کي سندس پتو معلوم ٿي ويو آهي ۽ هو ڪيس زبردستي وٺي ويندا. خبر ناهي ته پاروءَ جي گهر تي ڇا گذرندي.

رشيد کٽ جي واڏڻ تي ويهي رهيو ۽ قميص جي ٻانهن سان اکيون اگهي لاجوءَ جي پٺيءَ تي پيار مان هٿ ڦيرڻ لڳو. هن جي هٿن جي اها ئي حالت هئي، جيڪا ڏيءَ کي ساهرين روانو ڪرڻ مهل هڪ بزرگ پيءُ جي هٿن جي هوندي آهي.

رشيد جي دل پرجي آئي هئي، هن دل جهلي چيو، "رام چند آيو آهي."

"هتي!" لاجو ۽ پارو ٻنهي جي وات مان گڏ نڪتو.

"ها! ساڻس گڏ ڪجهه هندستاني پوليس جا سپاهي ۽ ڪجهه پاڪستان پوليس جا ماڻهو آهن. اهي ڳوٺ ڳوٺ، شهر شهر اغوا ٿيل ڇوڪرين کي ڳولهيندا وتن. مونکي رامچند اڪيلائيءَ ۾ مليو

وڳو بہ ڪديو. پوءِ لاجوءَ کي ڳرانٽڙي پائي روئڻ لڳي.

انهيءَ جي ٽن ڏينهن ڪانپوءِ رشيد پنهي ٻارن، پارو ۽ لاجوءَ کي ساڻ وٺي رات جي وڳڙي ۾ ڳوٺ مان نڪري گاڏيءَ ۾ سوار ٿي ويو.

گذريل ڇئن ڏينهن کان ور ور ڪري پاروءَ کي مختلف خيال ايندا رهيا ۽ سڄي سڄي رات سوچيندي رهي هئي ۽ دل ئي دل ۾ ڪجهہ طئہ ڪندي رهي. آئون لاجوءَ کي چونديس تہ منهنجي ماءُ کي اهو وڃي ڇئجان تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ پيرو تہ منهنجو منهن ڏسي وڃ. اهو سوچيندي پاروءَ کي روئڻ اچي ويندو هو.

لاجوءَ کي پنهنجي پياءُ ۽ مڙس جو منهن ڏسڻ ايترو ئي عجيب ٿي لڳو، جيئن ڪو مري ٻئي جهان ۾ پنهنجن وڇڙيل مائٽن جا منهن ڏسڻ جي اميد رکندو هجي. لاجوءَ کي پنهنجي گهر کان وڇڙئي فقط پنج مهينا گذريا هئا، پر ڪيس ائين ٿي لڳو، ڄڻ هوءَ هڪ پيرو مري ٻيهر هن دنيا ۾ آئي هجي. سڄي رستي ۾ ٻنهي جون دليون ڌڪنديون رهيون.

☆☆☆

پوليس جي پهري ۾ جڏهن هو پاڻ ۾ مليا تہ لاجوءَ جون اکيون ئي نہ ٿي مٿي کڄيون. پاروءَ پنهنجي پياءُ جو منهن ڏٺو. ملاقات جي ان هڪ گهڙيءَ کان اڳ ڪيتري نہ ڏکهي جدائي هوندي آهي. ملاقات جي ان هڪ گهڙيءَ کان اڳ ڦهر جي جدائي نظر اچي رهي هئي. لڙڪ ڪنهن جي بہ روڪڻ سان نہ ٿي رڪيا. مردن جو حوصلو بہ ٽٽي پيو. ڪنهن وٽ بہ ڪجڻ ۽ پڇڻ جي لاءِ ڪجهہ بہ نہ رهيو هو. روئي روئي هنن جا منهن ئي پسي ويا هئا.

"خدا جي مهابي ڪڏهن پلجي بہ لاجوءَ کي ڪو مهٽو طعنو نہ ڏجؤ." پاروءَ پهريون پيرو ڳالهايو.

لاجوءَ جي مڙس جو ڪنڌ جهڪيل هو. لاجوءَ جي پياءُ جو بہ ڪنڌ بہ جهڪيل هو.

"پارو اسانکي شرمسار نہ ڪر." نيٺ لاجوءَ جي پياءُ چيو.

لاجوءَ جو مڙس ڪجهہ بہ ڳالهائي نہ سگهيو. شايد هو ڪجهہ ٻڌي بہ نہ سگهيو هو. اڄ ڪيس فقط پنهنجي وڃايل زال ئي نظر اچي نہ رهي هئي، پر هن اڄ پنهنجي وڃايل پيڻ بہ ڏٺي هئي. سالن کان هن جي اندر ۾ هڪ باهہ دکي رهي هئي، انهيءَ دکيل باهہ مان هڪ اماڙي هن رشيد جي فصل کي لڳائي هئي، جنهن سان سڀ ڪجهہ سڙي رک ٿي ويو هو. سالن کان هو انهيءَ شهزادي جي ڪهاڻيءَ جي باري ۾ سوچيندو رهيو هو، جنهن کي هڪ ديو کڻي ويو هو. پوءِ اوير ديس جو هڪ شهزادو پنهنجي جادوءَ واري تير جي ٻل تي ڪيس ڇڏائي آيو هو. ننڍپڻ ۾ هو ڪيترن ئي

ساڻن ۾ سنتن کان جادوءَ وارا تير گهرندو هو. وڏو ٿي هو پاروءَ بابت سوچي سوچي بيتاب ٿي ويندو هو. اڄ سالن کانپوءِ وڇايل پارو هن جي اکين جي سامهون ويٺي هئي. ان مهل کيس فقط اهو ياد هو ته رشيد سندس ڀيڻ کي کڻي ويو هو.

پوليس وارن جي لاري تيار ٿي وئي. هندستاني پوليس جي سپاهين سڏيو. "اچو! هن پاسي ويندڙ هندو هڪ پاسي ٿي بيهن. لاري تيار آهي."

رامچند، رشيد کي ڀاڪر پائي بار بار چيو، "تنهنجي وڏي مهرباني ڀاءُ! تنهنجو اهو ٿورو آئون ڪڏهن به لاهي نه سگهندس." رشيد جي چهري تي انهيءَ احسان جي خوشي به هئي پر رشيد جون نظرون لاجوءَ کي بچائي به شرمنده هيون. کيس پاروءَ کي کڻي اچڻ ياد پئي آيو، پر پوءِ به کيس محسوس ٿي رهيو هو ته سندس مٿي تان ڪجهه بار ته هلڪو ٿيو هو.

پوءِ وري آواز آيو. "هن پاسي ويندڙ هندو هڪ پاسي ٿي بيهن."

پارو ڪپڙن جو وڳو ۾ بيسڻ جا لڏو. جيڪي هڪ هٿ ۾ ٻڌل هئا، لاجوءَ جي هٿ ۾ ڏئي کيس ڳراٽڙي پاتي. پوءِ آخري ملاپ جي لاءِ پنهنجي ڀاءُ سان به گلي ملي.

"پارو!" پاروءَ جي ڀاءُ فقط ايترو چيو ۽ هن جو هٿ مضبوطيءَ سان جهليائين.

"هن وقت منهنجي ڳالهه ٻڌ." پاروءَ جي ڀاءُ وري حوصلو ڪندي چيو.

پاروءَ پنهنجي ڀاءُ جي ڳالهه سمجهي ورتي. هڪ ڀيرو ته کيس به اهڙو خيال آيو. "جيڪڏهن آئون هن مهل چوان ته آئون هڪ هندو عورت آهيان ته هو مونکي لاريءَ ۾ ويهاري ضرور وٺي ويندا. آئون به واپس وڃي سگهان ٿي. آئون به لاجوءَ وانگي...ملڪ جي هزارين ڇوڪرين جيان!"

پاروءَ جا رڪيل لڙڪ برسات بڻجي ويا. هن پنهنجي ڀاءُ جو هٿ ڇڏايو ۽ ويجهو بيٺل رشيد وٽ وڃي پنهنجي پٽڙي کي ڀاڪر پاتو.

"لاجو پنهنجي گهر هلي وڃي ته سمجهو ته پارو به ساڻس گڏ اچي وئي آهي. منهنجي لاءِ هاڻي مرڻ جيئڻ هتي ئي آهي." پاروءَ لاريءَ ۾ چڙهندڙ پنهنجي ڀاءُ کي آهستي چيو.

رامچند جهڪيل ڪنڌ سان پاروءَ جي سامهون ٻئي هٿ جوڙي ڇڏيا. ڪو گهرو ڏک رامچند جي چپن تي ڇميل هو. رامچند ڪجهه ڳالهائي نه سگهيو.

"ڇوڪري ڀلي هندو هجي يا مسلمان، جيڪا به پنهنجي گهر واپس وڃي رهي آهي، سمجهو ته انهيءَ سان گڏ پاروءَ جو روح به پنهنجي گهر موٽي رهيو آهي."

پاروءَ دل ئي دل ۾ چيو ۽ پوءِ ٻئي اکيون جهڪائي رامچند کي آخري پرنام ڪيو.

لاري هلڻ لڳي ۽ خالي رستي جي ڌوڙ اڏڻ لڳي.